

# درياهن، ڊيمن ۽ ماحوليات جي باري ۾ اڪثر پُڇيا ويندڙ سوال

انٽرنيشنل رورس نيٽورڪ

پاڪستان فشرفوڪ فورم

پاڪستان فشرفوڪ فورم

PAKISTAN FISHER FOLK FORUM

ڪتابچو

E-BOOKLET

# درياهن، ڊيمن ۽ ماحوليات جي باري ۾ اڪثر پُڇياويندڙ سوال

(FREQUENTLY ASKED QUESTIONS ABOUT DAMS RIVERS & ECOLOGY)


## انٽرنيشنل رورس نيٽورڪ

## پاڪستان فشرفوڪ فورم



## پاڪستان فشرفوڪ فورم



ايڊريس: سچل هال ابراهيم حيدري بن قاسِم ٽائون

فون: 021_34534464

Email: pakistanfisherfolk@hotmail.com

www.pff.org.pk

# درياهن، ڊيمن ۽ ماحوليات جي باري ۾ اڪثر پُڇيا ويندڙ سوال

**صحتمند درياهه ڇو ضروري آهن؟**

صحتمند درياهه اسان جي ڌرتيءَ جي زندگي آهن. اهي مفت ۾ اهم خدمتون مهيا ڪن ٿا. ڪيترن ئي ٻوٽن ۽ جانورن جي زندگي جو دارومدار دريائن جي پاڻي تي آهي. اهي ماڻهن ڪي پيئڻ لاءِ، فصلن لاءِ، صفائي لاءِ ۽ ڪاڌي پچائڻ لاءِ، دوائن لاءِ، عمارتسازي لاءِ ۽ ڪيترن ئي ٻين ڪمن لاءِ پاڻي مهيا ڪن ٿا. درياهه آلودگي کي ، سيلاب ۽ ڏڪار جي خطرن کي گهٽائين ٿا. زير زمين پاڻي جي ذخيرن کي وڌائين ٿا ۽ ماهيگيري کي برقرار رکن ٿا. درياهه سفري رستن طور پڻ اهم آهن.

درياهه پاڻيءَ جي وهڪرن جو نالو نه آهن پر زير زمين پاڻي،ان جي آسپاس جا ٻيلا، ڍورا، ڇنڊٽيون سڀ درياهه جو حصو آهن. درياهه پاڻي جي وهڪرن سان گڏ زمين کي غذائت مهيا ڪرڻ واريون معدنيات ۽ ٻيا اهم جُزا ڪٽي هلي ٿو جن جي زمين ۾ شامل ٿيڻ سان زمين کي تمام گهڻي زرخيز ملي ٿي.

درياهه جي ڇوڙ وٽ جتي مٺو پاڻي سمنڊ جي کاري پاڻي سان ملي ٿو اهو درياهه جو توڙي ڌرتيءَ جو سڀ کان وڌيڪ حياتياتي پيداوار وارو حصو هوندو آهي. دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ مڇي جا قسم درياهه جي ڇوڙ واري حصي ۾ بسيرو ڪن ٿا.

**وڏن ڊيمن جا ماحوليات ۽ دريائن تي ڪهڙا اثر پون ٿا؟**

وڏن دريائن تي ڊيمن جو ٺهڻ انسانن طرفان هڪ ڊرامائي ۽ هٺ ئوڪيو اثر آهي. جيڪو اسان جي ماحول تي ٿي رهيو آهي. ڪنهن به طرح سان به هڪ درياهه کي مڪمل طور ڊيم ۾ تبديل نه ٿو ڪري سگهجي.

ڊيم درياهه کي پنهنجي ضابطي ۾ رکڻ جي هڪ ڪوشش آهي، ٻوڏ ۽ گهٽ وهڪري وارين موسمن ۾ درياهه کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڊيم ٺاهيا وڃن ٿا. ڊيم درياهه جي لٽ ۽ ٻين قدرتي جزن کي روڪي ٿو جنهن سان درياهه جي گرمي پد ۽ ٻين عنصرن ۾ تبديلي اچي ٿي. دريائن جو سڄو ارضياتي عمل متاثر ٿئي ٿو. ڪنارا ختم ٿي وڃن ٿا. انهن جي آسپاس جي زمين متاثر ٿئي ٿي. ان ڪري درياهه جي وهڪري جي قدرتي لنگهن جو ارضياتي عمل تمام گهڻو متاثر ٿئي ٿو.

اندازن 50000 وڏن ڊيمن اڪثر دريائن جو نظام ختم ڪري ڇڏيو آهي. ساليانو دريائي وهڪرن جو 15 سيڪڙو پاڻي ڊيم روڪي ڇڏين ٿا ، جيڪڏهن اسان دريائي جيوت، ان جي ڪنارن ۽ ٻين شين جي پائيداري چاهيون ٿا ته اسان کي وڏا ڊيم اڏڻ بجاءِ ڪو ٻيو حل ڳولڻو پوندو.

**وڏا ڊيم ماڻهن کي ڪيئن متاثر ڪن ٿا؟**

اندازن 4 کان 8 ڪروڙ ماڻهو ڊيم ٺهڻ سبب دربدر ٿيا آهن. هن وقت تقريبن 20 لک ماڻهو هر سال وڏن ڊيمن سبب دربدر ٿين ٿا. تقريبن 50 ڪروڙ ماڻهو جيڪي درياهه جي پيچڙ وارن علائقن ۾ رهن ٿا انهن تي به ڊيمن جو تمام گهڻو اثر پوي ٿو.

جنهن ۾ مڇي جو نقصان، تازي پاڻي جي کوٽ، ۽ قدرتي طور دريائن جي وهڪري سان گڏ زمين جي زرخيزي لاءِ معدنيات نہ اچڻ سبب زرعي زمينون ۽ ٻيلا متاثر ٿين ٿا.

تقريبن هر معاملي ۾ ڊيمن سبب ماڻهن کي بي دخل ٿيڻو پوي ٿو جن جي غربت ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ وڏن منصوبن جي فائدن مان انهن کي ڪجهہ بہ نہ ٿو ملي. انهن جي ثقافت تي اثر پون ٿا، وڏين بيمارين جو شڪار ٿين ٿا، ان سان گڏ ڪيترن ئي نفسياتي مسئلن جو پڻ شڪار ٿي وڃن ٿا. ان جو شڪار عام طور سڀ کان پٺتي پيل غريب هاري ۽ علائقي جا اصلوڪا رهواسي ٿين ٿا. ڪجهہ صورتن ۾ ماڻهن کي انهن جي نقصانن جي بدلي ۾ نہ هئڻ جو جيترو معاوضو ادا ڪيو وڃي ٿو اهو معاوضو انهن جي گهرن، زمينن، ڪاروبار ۽ روزگار لاءِ ناڪافي هوندو آهي.

ڊيم متاثر ماڻهن سان اڪثر انهن جي زندگي ۾ بهتري آڻڻ جا وڏا واعدا ڪيا ويندا آهن، جن ۾ بجلي جي فراهمي، اسپتالون اسڪول کولڻ جهڙا واعدا شامل آهن، پر اڄ تائين انهن مان ڪنهن واعدي تي عمل ناهي ٿيو.

**پر ڇا ڊيم صاف توانائي پيدا ڪرڻ جو ذريعو نہ آهن؟**

ڊيم ڪڏهن بہ بجلي پيدا ڪرڻ جو صاف ذريعو نہ رهيا آهن، ڇا ڪاڻ تہ انهن جا ماحولياتي ۽ سماجي اثر تمام گهڻا آهن، ٻيو تحقيق مان اها خبر پئي آهي تہ ڊيم گرين هائوس گئس پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجن ٿا، ڪجهہ صورتن ۾ اهي fossil fuel بجلي گهرن کان بہ وڌيڪ گئس پيدا ڪن ٿا، بالبينا ڊيم جيڪو برازيل ۾ آهي، اهو ڪوئلي تي هلندڙ بجلي گهرن جي مقابلي ۾ لڳ ڀڳ 20 کان 40 سيڪڙو وڌيڪ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ پيدا ڪري ٿو.

**ڇا ڊيمن جي ذريعي سستي بجلي پيدا نہ ٿي ٿئي؟**

معاشياتي حساب سان ڏسجي تہ هڪ دفعو ڊيم ٺهي وڃڻ کان پوءِ ان تي بجلي جي پيداوار سستي ٿيندي آهي، پر انهن جي ٺهڻ تي تمام گهڻو پئسو توڙي وقت خرچ ٿئي ٿو انهن بجلي گهرن تي جيتري رقم جو ڪاٿو لڳايو ويندو آهي، ان کان ڪيترا دفعا وڌيڪ لاڳت ايندي آهي، ڪيترن ئي ڪيسن ۾ تہ ان تي ڪاٿو لڳايل رقم کان ٻيڻي رقم وڌيڪ خرچ ٿي ويندي آهن.

سائوٿ آمريڪا ۾ اتائپو ڊيم جي اڏاوت تي 20 لک ڊالر خرچ ڪيا ويا ۽ ان جي تعمير ۾ 18 سال لڳا، ان تي اندازو لڳايل رقم کان 488 فيصد وڌيڪ خرچ ٿيو.

ڪڏهن ڪڏهن ڊيمن مان اندازي کان گهٽ توانائي جي پيداوار ٿيندي آهي، ۽ اها توقع ڪئي پئي وڃي تہ موسمياتي تبديلي دريائن جي نظام کي پڻ تبديل ڪري سگهي ٿي، ان ڪري ڊيمن مان بجلي جي پيدوار پروسي جوڳي نہ آهي، ڊيمن جي تعمير کي هٿي وٺرائيندڙ ماهر موسمي تبديلي جي خطرن تي نہ ٿا سوچين جيڪي انهن منصوبن تي اثرانداز ٿي سگهن ٿا، جن سان انهن منصوبن جي متوقع فائدن ۽ خصوصيتن ۾ گهٽتائي اچي ٿي، ان کان علاوه ڊيمن مان توانائي جي پيداوار کي ورهائڻ واريون ٽرانسمشن لائينون بہ مهانگيون ۽ غير فعال هونديون آهن، ۽ گهڻو ڪري غريب ملڪن ۾

جتي وڏن ڊيمن جي تعمير ڪئي پئي وڃِي اتي بجليءَ جي گرڊ اسٽيشن جي گنجائش تمام محدود هوندي آهي ۽ ڊيم کان ضرورت وارن علائقن تائين پهچ لاءِ گرڊ جي گنجائش وڌائڻ تي ايندڙ خرچ ان منصوبي جي رقم ۾ شامل ناهي هوندو.جڏهن انهن حقيقتن کي مدنظر رکبو ته اندازو ٿيندو ته ڊيمن مان پيدا ٿيندڙ بجلي عام بجلي پيداوار کان گهٽي مهانگي آهي.

**وڏن ڊيمن جا مخالف توانائي جي پيداوار جي ڪهڙن ذريعن جي حمايت ڪن ٿا؟**

دنيا جي وڌندڙ توانائي جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪو به توانائي جو ذريعو ڪافي نه آهي،

ضرورت ان ڳالهه جي آهي، ته توانائي جي ضرورتن کي نظر ۾ رکي ان جي پوري ڪرڻ جي ذريعن جو اندازو لڳايو وڃي، منصوبو شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ان تي ايندڙ خرچ ۽ حاصل ٿيندڙ فائدن(خرچ ۽ فائدن جي ورهاست) ۽ منصوبي جي مختلف ذريعن جي اختيار جي حوالي سان سوچڻ وقت پوري ايمانداري کان ڪم ورتو وڃي، ان منصوبي مان پوري ٿيندڙ توانائي جي ضرورت کي، هڪ صحتمند درياهه جي وهڪري مان حاصل ٿيندڙ فائدن سان پيٽيو وڃي.

اسان کي توانائي جي ذريعي کي ڏسڻ کان اڳ توانائي پيدا ڪرڻ جي مهارت کي ڏسڻ گهرجي. دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ توانائي جو انتهائي فضول استعمال ڪيو ويندو آهي، نون بجلي گهرن جي تعمير کان اڳ موجوده بجلي گهرن جي جي ڪارڪردگي ۽ استعمال کي بهتر بنائڻ گهرجي، ترقي پذير ملڪن ۾ توانائي جي گهٽ پيداوار سان گڏ ان جي استعمال جي غيرموثر نظام جي ڪري به گهڻو نقصان ٿي رهيو مثال طور انڊيا ۾ توانائي جي پيداوار جو 50 فيصد استعمال ڪندڙن تائين پهچڻ کان اڳ ئي ضايع ٿي ٿو وڃي. انڊيا جي توانائي جي تجزيه نگارن مطابق توانائي جي نون ذريعن جي قائم ڪرڻ بجاءِ انهن جي ڪجهه حصي جيتري رقم جيڪڏهن توانائي جي موجوده نظام کي بهتر ڪرڻ لاءِ خرچ ڪجي ته ايندڙ هڪ ڏهاڪي تائين گهربل توانائي جو پورائو ڪري سگهجي ٿو. جڏهن توانائي جي نون ذريعن جي واضع ضرورت محسوس ٿئي ته پوءِ توانائي جي ٻين پائيدار متبادل ذريعن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي، جيئن هوا، سج ۽ ٿرمل انرجي ( شايد مستقبل لهرن مان بجلي ۽ ٻيون ٽيڪنالوجيز) جا تمام گهڻا فائدا آهن. ننڍا ڊيم بجلي جي پيداوار جو پائيدار اقتصادي ذريعو ٿي سگهي ٿا، خاص ڪري ٻهراڙي وارن علائقن ۾. جيستائين اهي دريائن جي بنيادي فعلن جيئن مڇي ۽ لٽ جي وهڪري کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي حساب سان ڊيزائن ڪيا وڃن. انهن سڀني طريقن سان انهن گهرجائو علائقن جي بجلي جي ضرورت پوري ڪري سگهجي ٿي. جيئن قومي گرڊ اسٽيشن کان پري وارا ڏورانهان علائقا.

**اسان ترقي پذيرملڪن ۾ غربت ڪيئن گهٽائي سگهون ٿا جيستائين توانائي جا ذريعا بشمول پاڻيءَ تي ٺهندڙ منصوبه اسان جو استحصال ڪندا رهندا؟**

ترقي پذير ملڪن ۾ ٻي سرمايا ڪاري وانگر توانائي جي شعبن ۾ فنڊنگ محدود آهي، توانائي جي منصوبن جي صحيح طريقي سان چونڊ سان سياسي پسند نا پسند کان بچي سگهجي ٿو ( ۽ رشوت به) جيڪا اڪثريت جي فيصلن جي عمل کي متاثر ڪري ٿي. ۽ سفيد هاٿي جهڙا ڊيم تعمير ٿين ٿا.

ورلڊ ڪميشن آن ڊيمس جيڪو ڊيمن جو عالمي پينل آهي، ان هڪ تفصيلي ۽ آزادانہ رپورٽ ڏني آهي جنهن ۾ انهن ڊيمن کان متاثر ماڻهن لاءِ هڪ نقطہ نظر واضع ڪيو آهي. جنهن ۾ انهن متاثر ماڻهن جي بنيادي حقدار طور انهن جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۽ پنهنجو معاوضو پاڻ مقرر ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.

ڪميشن جي سفارشن ۽ هدايتن جي روشني ۾ ڊيمن جي تعمير تي اڳتي وڌي سگهجي ٿو صرف ان صورت ۾ جڏهن احتياط سان سڀني موجودطريقن جو جائزو ورتو وڃي. ڪجھ ملڪن مثال طور سائوٿ آفريڪا ڪميشن جي شفارشن کي پنهنجي پاڻي ۽ توانائي جي منصوبن جي رٿابندي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ اپاءَ ورتا آهن.

**ڊيمن جي ڪري پيدا ٿيندڙ روزگار جي موقعن جي باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟**

ترقي پذير ملڪ ( جتي اڄ ڪلھ گهڻا ڊيم تعمير ٿي رهيا آهن) اتي تمام گهڻي تربيت يافتہ انجنيئرن ۽ ٺيڪيدارن کي ٻاهران آندو ويندو آهي، جيڪي ڊيم جي تعمير ڪندا آهن. مقامي ماڻهن يا شهرين لاءِ تمام گهٽ روزگار جو موقعا هوندا آهن. ڊيمن جي سار سنڀال ۾ روزگار جا موقعا بہ گهٽ هوندا آهن. گهڻ مدتي نوڪري جو فائدو گهٽ هوندو آهي، ڪنهن وڏي هائيڊرو پروجيڪٽ جي بنسبت ونڊ انرجي 4 کان 10 سيڪڙو وڌيڪ روزگار جا موقعا فراهم ڪندي آهي. ( ۽ بائيوماس ۽ شمسي توانائي ونڊ انرجي جي مقابلي ۾ بہ وڌيڪ روزگار جا موقعا پيدا ڪري سگهي ٿي.)

**ڇا ڊيم ٻوڏ روڪڻ جو بهتر ذريعو آهن؟**

جڏهن ڪو بہ ڊيم ٻوڏ کي روڪڻ يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري ناهيو ويندو آهي تہ لازمي ناهي تہ ٻوڏ وارو وهڪرو ڪنهن ماحولياتي تقريب وانگر وري ٿئي، ٻوڏ اچڻ کان پوءِ اڪثر ماڻهو ٻوڏ کان بچڻ لاءِ محفوظ مقامن ڏانهن هليا ويندا آهن. اتي اهو سمجهڻ تہ ڊيم ٻوڏ کي روڪين ٿا اهو غلط آهي، پر ڊيمن سان سڀ کان وڏو يا تباهہ ڪن سيلاب روڪي نہ ٿو سگهجي. ان جي نتيجي ۾ ٻوڏ اچڻ جي صورت ۾ ڀھرئين کان وڌيڪ نقصان ٿين ٿا. ٻوڏ جي انتظامن لاءِ ڪو بيو فطرت سان مطابقت رکندڙ طريقو اختيار ڪرڻو پوندو جنهن تي بهتر طريقي سان عمل ڪري نقصانن کان بچي سگهجي.

**پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي باري ۾ ڇا آهي؟ ان لاءِ تہ يقينن ڊيمن جي ضرورت آهي.**

پاڻي جي ذخيرو ڪرڻ تقريبن سڄي دنيا جي اهم ضرورت آهي، دنيا جي وڌندڙ آبادي ۽ ماحولياتي تبديلي جي پاڻي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ فڪر جي ڳالهه آهي، پاڻي کي ذخيرو ڪرڻ ۽ محفوظ ڪرڻ جا ڪيترائي ڪرڻ طريقہ آهن. بهتر حل اهو آهي تہ فطرت جي خلاف ڪم ڪرڻ جي بجاءِ فطرت مطابق ڪم ڪجي. ۽ ماحولياتي نظام جي استعال کي بهتر بنائجي، جيڪو صحتمند پاڻي جي وهڪرن ۽ ماحول جي مطابقت واري نظام مان ملي ٿو. بهتر ٽيڪنالوجي ۽ وڌيڪ باخبر ذريعن جي استعمال سان پاڻي جي پيداوار کي بهتر بنائي سگهجي ٿو.

فطرت مطابق ڪم ڪرڻ سان پاڻي جي پهچ ۽ ترسيل سان هلندڙ توانائي جي ذريعن جو خرچ گهٽائي سگهجي ٿو.

صحتمند درياهہ ۾ پاڻي جا وهڪرا قدرتي طور آلودگي کي ختم ڪرڻ، ٻوڏ ۽ ڏڪار جي خطرن کي گهٽ ڪرڻ، زيرزمين پاڻي جي ذخيرن کي وڌائڻ ۽ ماهيگيري کي پائيدار بنائن ٿا. انهن جي برعڪس ٻيا ٽيڪنالوجي وارا متبادل ذريعا جيئن آلودگي ختم ڪرڻ لاءِ ٽريٽمينٽ پلان ٺاهڻ، مصنوعي طريقن سان زيرزمين پاڻي جا ذخيرا وڌائڻ، بچاءَ بند تعمير ڪرڻ، مڇي جا فارم ٺاهڻ، لاءِ تمام گهڻي ٻاهرين مدد ۽ خرچن جي ضرورت پوندي آهي.

وڌيڪ تفصيل لاءِ پاڻي جي ماهر Sandra Postal جو ڪتاب "Adapting to a New Normal" پڙهڻ گهرجي.

**ڇا ڊيمن جي حفاظت هڪ وڏو مسئلو آهي؟**

دنيا جا اڪثر وڏا ڊيم پراڻا ٿي رهيا آهن، ۽ جيئن جيئن اهي پراڻا ٿيندا آهن، انهن جي سارسنڀال تي وڌيڪ خرچ ايندا آهن. دنيا جا تقريبن 5000 وڏا ڊيم 50 سال پراڻا آهن ۽ آمريڪا جا ڊيم اوسطن 40 سال پراڻا آهن. دنيا ۾ ڊيمن جي سار سنڀال لاءِ هڪ طريقہ ڪار موجود آهي، ان تحت ڊيمن کي محفوظ رکڻ لاءِ بلين ڊالر خرچ ٿين ٿا. ان سان گڏ اها تشويش پڻ موجود آهي تہ ڊيمن جي وزن جي ڪري ان علائقي ۾ زلزلا اچي سگهن ٿا. زلزلي جو خدشو بہ ڊيم جي ناڪامي ۽ وڏي ٻوڏ جي خطري جو سبب ٿي سگهي ٿو.

هن وقت ڊيمن جي حفاظت لاءِ سڀ کان وڏو چيلينج ماحولياتي تبديلي آهي. دنيا جا 45000 وڏا ڊيم هائيڊريولوجي سائيڪل جي حساب سان موزون نہ آهن. ان ڪري انهن سڀني ڊيمن کي غير محفوظ قرار ڏئي سگهجي ٿو. جڏهن تہ دنيا جو ماحولياتي مستقبل غير يقيني صورتحال سان ڀريل آهي، دنيا جا سڀ ماحوليات جا ماهر ان ڳالھ تي متفق آهن ( بلڪ اهو نظر بہ اچي رهيو آهي) تہ ايندڙ وقتن ۾ اجا شديد قسم جا طوفان ۽ ٻوڏون اينديون. جنهن ۾ ڊيمن جي حفاظت جي حوالي سان منفي اثر مرتب ٿي سگهن ٿا.

**ڊيم ڊيڪميشن (dam decommissioning) ڇا آهي؟**

آمريڪا جتي 5500 وڏا ڊيم آهن، اهو دنيا جو سڀ کان وڌيڪ ڊيم رکندڙ ملڪ آهي، ان وڏا ڊيم ٺاهڻ بند ڪري ڇڏيا آهن. هاڻي اهو موجوده ڊيمن جي ڪري پيدا ٿيندڙ مسئلن تي تمام گهڻا پئسا خرچ ڪري رهيو آهي.
ڪيترن ئي مقامي ماڻهن دريائن کي آباد ڪرڻ ٻين لفظن ۾ ڊيمن جي ڊيڪيميشن جو مطالبو ڪري رهيون آهن. ڇاڪاڻ تہ هاڻي ڊيم نہ ايترا محفوظ رهيا آهن. نہ ئي انهن مان اهو فائدو حاصل ٿي رهيو آهي، جنهن مقصد تحت اهي ٺاهيا ويا هئا. گذريل ڏهاڪي دوران مڇي جي رهائشگاهون کولڻ، پاڻي جي صحتمند وهڪرن کي بحال ڪرڻ، پاڻي جو معيار بهتر ڪرڻ ۽ ندين جي آبي زندگي بحال ڪرڻ لاءِ آمريڪي دريائن تان سوين ڊيم ختم ڪيا ويا آهن.

**ڇا وڏن ڊيمن جا مخالف سڀني ڊيمن جي مخالفت ڪن ٿا؟**

عام طور تي ائين نہ آهي، اهي ان ڳالھ ۾ يقين رکن ٿا تہ ڊيم ( يا ترقيءَ جا ٻيا منصوبا) تڏهن ٺاهيا وڃن جڏهن انهن سان لاڳاپيل پوري معلومات عوام جي اڳيان ظاهر ڪئي وڃي. ڊيمن جي حامي ماهرن جي منصوبن جي اقتصادي، ماحولياتي ۽ سماجي فائدن ۽ ان تي ايندڙ لاڳت جي رپورٽن جي آزاد ماهرن کان تصديق ڪرائي وڃي، ۽ تعمير صرف ان صورت ۾ ڪئي وڃي تہ ان علائقي جا ماڻهو جن جو ان منصوبي مان متاثر ٿيڻ جو خدشو هجي اهي ان ڳالھ تي راضي هجن.